روزاني
ايڈيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) چنڇر 25 فيبروري 2023ع بمطابق 04 شعبان المعظم 1444هـ (قيمت 10 روپيا) شمارو 273

پنجاب ۽ کي پي کي چونڊن تي پاڻمرادو نوٽيس: پي ڊي ايم جسٽس اعجاز ۽ جسٽس مظاهر تي اعتراض واري چڪيا

چيف جسٽس پاڪستان جي سربراهي ۾ 9 رڪني بينچ چونڊن بابت پاڻمرادو نوٽيس ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، بينچ جي جوڙجڪ تي اسان کي ٻن ججز تي اعتراض آهي جنهن کي بينچ ۾ نه ويهڻ گهرجي: فاروق ايڇ نائيڪ

اڄ ڳڏ ٽيڻ جو مقصد هو ته سيني کي خبر هوندي مختلف ڏرين جي وڪيلن کي عدالت ۾ ڏسي خوشي ٿي: چيف جسٽس

اسان کي ڪوبه نوٽيس ته ناهي مليو. درخواست آهي ته سيني کي نوٽيس جاري ڪيا وڃن: فاروق ايڇ نائيڪ

پهريان سيني جي حاضري لڳائيندا سين ۽ سومر تي سيني کي ٻڌنداسين. چئن صوبائي وڪيلن جي نمائندگي عدالت ۾ موجود آهي: چيف جسٽس

جسٽس جمال مندوخيل جو عدالت ۾ پڙهيل بيان ٻه آهي، انصاف جي فراهمي ۽ فري ٽرائل جي حوالي سان ٻنهي ججز کي بينچ ۾ نه ويهڻ گهرجي: فاروق ايڇ نائيڪ

سياسي اڳواڻن کي عدليه کي بدنام ڪرڻ جي اجازت چو ڀئي ڏني وڃي. اها تمام گهٽو سنجيده اشو آهي: وڪيل اظهر صديق

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ چونڊن تي پاڻمرادو نوٽيس ڪيس ۾ حڪومتي اتحاد(پي ڊي ايم) جسٽس اعجازالحسن ۽ جسٽس مظاهر نقوي تي اعتراض واري چڏيا چيف جسٽس پاڪستان جي سربراهي ۾ 9 رڪني بينچ ٻڌڻي شروع ڪئي ته پيپلز پارٽي جي وڪيل فاروق ايڇ نائيڪ چيو ته بينچ جي جوڙجڪ تي اسان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

جج اسان جي حدن ۾ داخل ٿيندا ته اسان ٻه سوال اٿارينداسين: خواجه آصف

سپريم ڪورٽ طرفان سوموٽو ڪيس بابت ڪجهه سوال اٿاريا ويا آهن جنهن جا ناڪاري اثر موجوده حالتن سان گڏ مستقبل تي ٻه پئجي سگهن ٿا

سموري سپريم ڪورٽ ويهي هن مسئلي جو حل ڳولي. مختلف ڏرين کان پڇي اهڙو حل ڏنو وڃي جيڪو ايندڙ وقت ۾ آب حيات هجي

نوازشريف جي حڪومت ختم ڪري زيادتي ڪئي وئي. مان پنهنجون حدون ڪراس نٿو ڪرڻ چاهيان مان تنقيد ٻه نٿو ڪرڻ چاهيان

پڇڻ چاهيان ٿو ته هڪ شڪايت رهندي آهي ته پارليامينٽريز ججز جو الو وئي تنقيد ڪندا رهندا آهن، ڪجهه ججز تي تنقيد ڪئي وڃي ٿي ته ڪجهه ججز تي تنقيد نٿي ڪئي وڃي

اهو سوال عدليه جي لاءِ آهي ته آخر ائين چو ٿئي؟ جڏهن ججز اسان جي حدن ۾ داخل ٿيندا ته اسان ٻه سوال اٿاريندا سين

هڪ سوال اهو ٻه اٿاريو ويو آهي ته ٻن اسيمبلين کي توڙڻ صحيح آهي يا نه؟ آئين کي ري رائٽ ڪرڻ عدليه جو ڪم نه هوندو آهي؟

اسلام آباد (م ڊ) دفاع واري وزير خواجه آصف چيو ته سپريم ڪورٽ طرفان سوموٽو ڪيس بابت ڪجهه سوال اٿاريا ويا آهن جنهن جا ناڪاري اثر موجوده حالتن سان گڏ مستقبل تي ٻه پئجي سگهن ٿا. سموري سپريم ڪورٽ ويهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: دفاع واري وزير خواجه آصف قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

جيل پريو تحريڪ: زلفي بخاري ۽ فياض چوهان گرفتاري ڏئي چڏي

عوامي مسلم ليگ جو سربراهه شيخ رشيد ۽ ٻيا راولپنڈي جي ڪميٽي چوڪ تي پهتا

پي ٽي آءِ اڳواڻ فياض چوهان سان گڏ ٻين 10 پي ٽي آءِ ڪارڪنن گرفتاري ڏني

آٽون گرفتاري نه ڏيندوس ڪجهه اڳواڻ ۽ ٻيا ڪارڪن گرفتاري ڏيندا: غلام سرور خان

راولپنڈي (م ڊ) تحريڪ انصاف جي اڳواڻن زلفي بخاري ۽ فياض چوهان جيل پريو تحريڪ ۾ گرفتاري ڏئي چڏي پاڪستان تحريڪ انصاف جي جيل پريو تحريڪ ۾ گرفتاري ڏيڻ لاءِ پي ٽي آءِ اڳواڻ عامر ڪياني، عوامي مسلم ليگ جو سربراهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

گهرو وزير راڻا ثناءالله جا گرفتاري وارنٽ جاري، 7 مارچ تي گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم

دهشتگردي جي اٽڪ واري عدالت گجرات جي انڊسٽريل ٽائي ۾ خلاف داخل ڪيس ۾ وفاقي گهرو وزير جا ضمانت ٽيڻ جو گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا

راڻا ثناءالله خلاف (ق) ليگ جي مقامي اڳواڻ شاهه ڪاز اسلم جي مدعيت ۾ دهشتگردي جي قلمن تحت ڪيس داخل ڪيرويو هو

گوجرانوالا (م ڊ) دهشتگردي جي اٽڪ واري عدالت وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري چڏيا دهشتگردي جي اٽڪ واري عدالت گجرات جي انڊسٽريل ٽائي ۾ راڻا ثناءالله جي خلاف داخل هڪ ڪيس ۾ وفاقي گهرو وزير جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان قازڪستان جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

جيل پريو تحريڪ: لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ شاهه محمود جي پٽ جي بيان ۽ جج جي ريمارڪس تي ٺهڪڙا

پي ٽي آءِ جي جيل پريو تحريڪ دوران گرفتار اڳواڻن جي بازيابي ۽ آزادي جي لاءِ داخل درخواستن جي ٻڌڻي ٿي

اوهان جي ماڻهن کي چو گرفتار ڪيو ويو آهي؟ ان تي درخواستگذار وڪيل چيو ته اسان جيل پريو تحريڪ شروع ڪئي هئي: عدالت

اهي علامتي گرفتاريون هيون، اسان ضمانت نه پيا گهرون، هنن جي حقن جي تحفظ لاءِ عدالت آيا آهيون: وڪيل

لاهور: (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ جي جيل پريو تحريڪ ۾ گرفتار اڳواڻن جي بازيابي لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي دوران جج جي ريمارڪس تي ٺهڪڙا لڳي ويا. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ جي جيل پريو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

مان ميدان ۾ اڇي چڪو آهيان، عزت عهدن سان ناهي ملندي: چوڌري نثار

عمران خان ڪنهن کي به پارٽيءِ ۾ شامل ڪرڻ جي لاءِ ايتري ڪوشش ناهي ڪئي جيتري منهنجي لاءِ ڪئي

اسان نعرا گهٽا لڳائيندا آهيون پر عمل ناهيون ڪندا ملڪ انتهائي نازڪ موڙ تي آهي

اسان هڪ ٻئي جا گريبان جهلي رهيا آهيون. سياست ۾ گاريون ڏيڻ عام ٿي وئي آهي

راولپنڈي (م ڊ) اڳوڻي گهرو وزير چوڌري نثار علي خان چيو آهي ته عمران خان ڪنهن کي به پارٽي ۾ شامل ڪرڻ جي لاءِ ايتري ڪوشش ناهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اڳوڻو گهرو وزير چوڌري نثار علي خان (فائيل فوٽو)

صوبائي گهرو ڪاتي طرفان سنڌ ۾ هٿيارن جي نمائش تي ٽن مهينن لاءِ پابندي

صوبي ۾ هٿيارن جي نمائش تي پابندي فوري طور لاڳو هوندي: گهرو ڪاتو

سمورا ايس ايڇ اوز پيڪڙي ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪندا

ڪراچي (م ڊ) صوبائي گهرو ڪاتي طرفان سنڌ ۾ هٿيارن جي نمائش تي ٽن مهينن لاءِ پابندي لڳائي وئي آهي. گهرو ڪاتي طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

آڊيو ليڪ تي جڊيشل ڪميشن جوڙڻ لاءِ پي ٽي آءِ جو عدالت سان رابطو

پي ٽي آءِ سينٽرل پنجاب جي صدر ياسمين راشد راڻا مدثر ايڊووڪيٽ جي ذريعي درخواست داخل ڪرائي

درخواست ۾ گهرو وزارت، بچاءَ واري وزارت، چيف سيڪريٽري سميت ٻين کي ڏوڪيو ويو

پي ٽي آءِ جي سينيئر قيادت جون آڊيو ٽيپ ڪري ليڪ ڪيون پيون وڃن: درخواستگذار

لاهور (ويب ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف آڊيو ليڪ معاملي تي جڊيشل ڪميشن جوڙڻ لاءِ لاهور هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪري ورتو آهي پي ٽي آءِ سينٽرل پنجاب جي صدر ياسمين راشد راڻا مدثر ايڊووڪيٽ جي ذريعي درخواست داخل ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور: تحريڪ انصاف جو اڳواڻ فواد چوڌري ميڊيا سان گڏالهائي رهيو آهي

سانگهڙ ويجهو ڇڄ سان ويندڙ ڪار ڪلٽي، 2 نوجوان فوت، هڪ زخمي

چوٽياريون ٽائي جي حد ۾ ڇڄ سان ويندڙ ڪار ڪلٽي ٽيڻ جي نتيجي ۾ 2 نوجوان فوت ٿي ويا ۽ هڪ زخمي ٿي پيو

حادثي ۾ 22 ورهين جو عباس جوٽيجو ۽ محمد سليم فوت ٿي ويا، طلال جوٽيجو سخت زخمي ٿي پيو

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ ويجهو ڇڄ سان ويندڙ ڪار ڪلٽي ٽي ٻئي. نوجوان فوت ٿي ويا، هڪ زخمي ٿي پيو. سانگهڙ ويجهو چوٽياريون ٽائي جي حد ۾ ڇڄ سان ويندڙ ڪار ڪلٽي ٽيڻ جي نتيجي ۾ 2 نوجوان فوت ٿي ويا ۽ هڪ زخمي ٿي پيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

بارکان واقعو: خان محمد مري جي سندس گهر پاتين سان ملاقات

ڪوئٽه پهچڻ تي خان محمد مري جي سندس گهر پاتين سان ملاقات ڪرائي وئي: پوليس

بازياب عورت ۽ ٻارن کي جوڊيشل مئجسٽريٽ 12 جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو

خان محمد مري ۽ سندس گهر پاتي هن وقت پوليس جي تحويل ۾ آهن

ڪوئٽه: (م ڊ) بارکان مان بازياب ٿيل خان محمد مري جي گهر پاتين جي سائس ملاقات ڪرائي رٿي آهي. پوليس اختيارين موجب ڪوئٽه پهچڻ تي خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسپين مان آيل ٻن پينرن جو قتل، پيءُ اسپينش پوليس هٿان گرفتار

گجرات (م ڊ) اسپين جي پوليس ٻن پاڪستاني پينرن جي پيءُ کي گرفتار ڪري ورتو آهي. جن کي گذريل سال پاڪستان جي صوبي پنجاب جي شهر گجرات ۾ خاندان جي ماڻهن ٻاران غيرت جي نالي تي قتل ڪيو ويو هو. نيوز ايجنسي اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

شهيد بينظير ٽيڪنيڪل يونيورسٽي شهيد بينظير آباد ۾ ٻهاري آڇيان لاءِ ميلو

ميلي جو افتتاح وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر امانت علي جلباڻي ڪيو

شاگردن ۽ شاگردياڻين طرفان يونيورسٽي ڪيمپس ۾ ثقافتي ۽ سائنسي ميلو ڪرايو ويو

نوابشاهه (پ ر) ٻهارجي موسر کي آڇيان چوڻ لاءِ شهيد بينظير ٽيڪنيڪل يونيورسٽي شهيد بينظير آباد: جي انفارميشن ٽيڪنالاجي شعبي ۽ مالڪيولر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

جيل پريو تحريڪ: ڪراچي ۾ ڪيل گرفتاريون به ڪالعدم

پي ٽي آءِ جي جيل پريو تحريڪ دوران گرفتار ڪارڪنن جي بازيابي لاءِ داخل درخواست جي ٻڌڻي ٿي

ڪراچي ۾ ڪيل گرفتاريون به ڪالعدم

ڪراچي (م ڊ) پي ٽي آءِ جي جيل پريو تحريڪ دوران گرفتار ڪارڪنن جي بازيابي لاءِ داخل درخواست جي ٻڌڻي ٿي. پي ٽي آءِ جي جيل پريو تحريڪ دوران گرفتار ڪارڪنن جي بازيابي لاءِ داخل درخواست جي ٻڌڻي ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

وزيراعظم جي صدر کي غير آئيني ڪمن کان پاسو ڪرڻ جي صلاح

وزيراعظم سياسي صورتحال تي اجلاس ۾ اڳواڻن کي صدر کي خط لکڻ تي اعتماد ۾ ورتو

صدر جو اليڪشن ڪميشن کي خط غير آئيني آهي: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف صدر کي اليڪشن ڪميشن کي لکيل خط تي غير آئيني ڪمن کان پاسو ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ازبڪستان: نائب وزير وفاقي وزير اسحاق دار ايئن پاڪ ـ ازبڪستان گڏجاڻي دوران ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ ۾ غير لائسنس يافته ماڻهن کان سيڪيورٽي واپس وٺڻ جو حڪم

غير ضروري پوليس سيڪيورٽي تي آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ اهم حڪم جاري ڪيا

گهرو ڪاتي جي اجازت ڪانسواءِ ڏنل پوليس سيڪيورٽي واپس وٺڻ جو حڪم

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آءِ جي سنڌ صوبي ۾ غير لائسنس يافته ماڻهن کي ڏنل پوليس سيڪيورٽي واپس وٺڻ جو حڪم ڏئي چڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

نئين آدمشماري، پارليامنٽ ۾ اقليتن جي سيٽن ۾ واڌ لاءِ درخواست داخل

2017ع ڪانپوءِ شهري ۽ ٻهراڙي جي آبادي ۾ غيرمعمولي فرق آيو آهي: شهري

نئين آدمشماري ۾ اقليتن جي آبادي مطابق سيٽن ۾ واڌ تائين چونڊون روڪيون وڃن

اسلام آباد (م ڊ) نئين آدمشماري ۾ پارليامنٽ ۾ اقليتن جي سيٽن ۾ واڌ لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي آهي. شهري البرٽ ديوڊ طرفان سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪيل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته 2017ع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسلام آباد: وفاقي وزير رانا نوير حسين قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر زاهد اڪرم درائي سان گڏالهائي رهيو آهي

آمريڪا گوانتانامو بي جيل ۾ قيد ٻن پائڻ پاڪستان منتقل ڪري چڏيو

عبدالرباني ۽ محمد رباني کي 2002ع ۾ گرفتار ڪيو ويو هو: پينٽاگون

اهم اڳواڻ کي مالي ۽ سفري سهولتون فراهم ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا گوانتانامو بي جيل ۾ قيد 2 پائڻ کي پاڪستان منتقل ڪري چڏيو آهي. پينٽاگون موجب عبدالرباني ۽ محمد رباني کي 2002ع ۾ گرفتار ڪيو ويو هو. آمريڪي ٻڌاءِ واري ڪاتي موجب عبدالرباني ۽ سنڌس ٻاءُ محمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: وفاقي وزير رانا نوير حسين قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر زاهد اڪرم درائي سان گڏالهائي رهيو آهي

عام چونڊن ۾ ديرنه ٿيندي، چونڊون وقت تي ئي ٿيندیون : شاهد خاقان عباسي

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظر شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته عام چونڊن ۾ ديرنه ٿيندي، چونڊون وقت تي ئي ٿيندیون، جنهن کي ڪيس ۾ ڊر ٻڌايو ويو آهي اعتراض ڪري سگهي ٿو. سپريم ڪورٽ معاملو اٿاريو آهي. جيڪڏهن اليڪشن ٽي ۽ هوجوند وڙهيو ته ن ليگ جي ٽڪيٽ تان وڙهندس. پارليامينٽ ٻاهران ميڊيا سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سيڪيورٽي فورسز جي وڏي ڪاميابي: بلوچستان ۾ ڪارروائي دوران 8 دهشتگرد مارجي ويا

دهشتگردي جي ناسور کي جڙ کان ختم ڪرڻ لاءِ پاڪ فوج پاران آپريشن جو سلسلو جاري

ضلعي ڪيچ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي قافلي تي حملو ڪندڙ 8 دهشتگردن کي آخري انجام تائين پهچايو ويو

محافظ بنا ڪنهن جاني نقصان جي دهشتگردن جو حملو ڪاميابي سان ناڪام بنائي چڏيو: آءِ ايس پي آر

ڪوئٽه: (م ڊ) بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز امن دشمن خلاف وڏي ڪاميابي حاصل ڪري ورتي. ضلعي ڪيچ ۾ دهشتگردن جو حملو ناڪام. سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي دوران 8 دهشتگرد مارجي ويا. ڪارروائي دوران هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد ب هٿ آيو آهي. ملڪ مان دهشتگردي جي ناسور کي جڙ کان ختم ڪرڻ لاءِ پاڪ فوج پاران آپريشن جو سلسلو جاري آهي. سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي دوران گذريل ڏينهن بلوچستان جي ضلعي ڪيچ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي قافلي تي حملو ڪندڙ اٺ دهشتگردن کي آخري انجام تائين پهچايو ويو آ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ماڻهو جيل پريو تحريڪ جو پيڪيون هٽڻ تا پر عمران جا ٽائيگر پوليس کي ڏسي لڪي ويا: شرجيل ميمڻ

پشاور ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف انٽرنيشنل سرڪس ڪمپني جو حشر ڏنيا ڏسي ورتو، هڪ ماڻهو به پوليس جي مهمان نوازي قبول نه ڪئي

پوليس مائڪرو فون تي پشاور، ڊي آءِ خان ۽ ٻين علاقن ۾ جيل پريو تحريڪ جون دعوتون ڏيندي رهي

پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ ايئر پي ايز پوليس جي گاڏين سان سيلفيون وٺندا ۽ عمران خان جا ٽائيگر پوليس کي ڏسي لڪندا رهيا

هي ماڻهو هڪ طرف جيل پريو تحريڪ جون پيڪيون هٽڻ تا، 24 ڪلاڪن ناهن گذريا سندن خاندان بازيابيءَ لاءِ لاهور هاءِ ڪورٽ پهچي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ست سماءُ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته پشاور ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف انٽرنيشنل سرڪس ڪمپني جو حشر ڏنيا ڏسي ورتو، هڪ ماڻهو به پوليس جي مهمان نوازي قبول نه ڪئي. صوبائي وزير پي ٽي آءِ جي جيل پريو تحريڪ ردعمل ڏيندي چيو ته پوليس مائڪرو فون تي پشاور، ڊي آءِ خان ۽ ٻين علاقن ۾ جيل پريو تحريڪ جون دعونون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: سنڌ جي سڌ سماءُ وارو وزير شرجيل انعام ميمڻ (فائيل فوٽو)

ڪوئٽه: مري اتحاد بارکان واقعي خلاف هنيل ڊرٽو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري چڏيو

ڪوئٽه (م ڊ) آل پاڪستان مري اتحاد بارکان واقعي خلاف هنيل ڊرٽو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري چڏيو آهي. ڪيس ايندڙ واقعي خلاف مري اتحاد جو 3 لاڻن سان ريلوي زون ۾ ڊرٽو جاري هو جڏهن ته خان آف قلات جي پاءُ سينيٽر آغا عمر احمد زئي ريلوي زون ۾ ڊرٽو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. قبائلي جرڳي جو نمائندو خان آف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

مريم باجواجي لاڏلي آهي، هن ججن جو تصويرون لڳائي توهين عدالت ڪئي: حليم عادل شيخ

اسان لاءِ 25 مئي تي اڇتي وڏو آسان هو، ان ڏينهن لاش ڪرن ها پر اداروں پوليس سپ اسان جا آهن انڪري قانون کي هٿ ۾ نه ڪنيو

جيل پريو تحريڪ جي هڪ ڏکوئيندڙ تاريخ آهي سندن وائيس چيئرمين ۽ سيڪريٽري جنرل به جيل ويا آهن

جدوجهد چونڊون ڪرائڻ ۽ آئين کي بچائڻ لاءِ آهي، اميد آهي ته اعليٰ عدليا آئين کي ٽڪڻ کان بچائيندي

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سنڌ اسيمبليءَ ۾ اپوزيشن ليڊر حليم عادل شيخ چيو آهي ته اسان لاءِ 25 مئي تي اڇتي وڏو آسان هو، ان ڏينهن لاش ڪرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ اسيمبليءَ ۾ اپوزيشن ليڊر حليم عادل شيخ

دهشتگردن جي مالي سهولتڪارن خلاف ڪارروائي جو فيصلو

آءِ جي پي، سي ٽي ڊي جي ريجن جوائنگ 14 ڪري چڏيو ۽ آفيسرن جوائنگ وڏايو ويو

سي پي او سي ٽي ڊي خيبرپختونخوا ۾ ٽيررازم فنانس سيل قائم ڪيو ويو

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخوا حڪومت دهشتگردي جي مالي مدد ڪندڙن خلاف گهيرو تنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي جنهن لاءِ سي ٽي ڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي ۾ صوبائي وزير ناصر شاهه پاران مختلف علاقن جو دورو، ڪمن جو جائزو ورتو

عوام کي وڌ کان وڌ سهولتن جي فراهمي کي وقت تي يقيني بڻايو وڃي: ناصر شاهه

شهر جي چار سو کان وڌيڪ ننڍن ۽ وڏن روڊن جي تعمير جو ڪم جاري آهي

روڊن جي تعمير ۽ مرمت جي ڪمن ۾ معيار کي برقرار رکندي مڪمل ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني ڪاتي واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته ڪراچي جي چار سو کان وڌيڪ ننڍن ۽ وڏن روڊن جي تعمير جو ڪم جاري آهي جنهن ۾ 268 روڊ ورلڊ بينڪ (ڪلڪ) جي سهڪار سان کي ايم سي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه پاران مختلف علاقن جي دوري دوران ڪيس روڊ جي ترقياتي ڪم بابت بريفنگ ڏني پئي رهي

جرمني جي سفير جو پنهنجي وفد ۽ ڪراچي قونصليٽ جنرل سان ڳڏ سافڪو هيڊ آفيس جو دورو

حيدرآباد: (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان ۾ جرمني جي سفير الفريد گرينس، ڪراچي قونصلخاني جو پنهنجي وفد فرسٽ سيڪريٽري پوليٽيڪل سيڪشن حوليا ويرينا ڪلين، ۽ ڪراچي قونصليٽ جنرل اينڊرياس ويگنر سان گڏ سافڪو هيڊ آفيس جو دورو ڪيو ان موقعي تي سافڪو جي باني ۽ سربراهه سليمان جي ابرو معزز مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ ڪين سافڪو جي خدمتن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ملير: اسٽيل ٽائون ۾ پوليس جي ڪارروائي، وڏي انگ ۾ هٿيار هٿ

اسٽيل ٽائون ٽائي جي پوليس لنڪ روڊ تي نئين ٽول پلازا ويجهو چاپو هنيو

پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي دوران وڏي انگ ۾ هٿيار هٿ ڪري ورتا

ملير (رپورٽر) سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي جي ضلعي ملير جي علاقي اسٽيل ٽائون مان پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي دوران وڏي انگ ۾ هٿيار هٿ ڪري ورتا آهن. رات دير سان اسٽيل ٽائون ٽائي جي پوليس لنڪ روڊ تي نئين ٽول پلازا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پنوعاقل ويجهو گم ڄاڻايل 3 نوجوانن جي اغوا جي تصديق، ڏاڙيلن 50 لک روپيا گهري ورتا

مغوين وقار، توفيق ۽ خورشيد احمد ڪنڊو جي وارثن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، مغوين جي بازيابي جو مطالبو ڪيو ويو

هڪ مغوي جو وارثن سان فون تي رابطو، آڊيو سامهون اچي وئي، مغوي چوي ٿو ته ڏاڙيلن اسان کي اغوا ڪيو آهي

ڪوٽ سبزل ٽائي جي حد ۾ ڪارروائي ڪري ٽن ڄڻن کي اغوا ڪان بچائي ورتو آهي: پوليس

پنوعاقل / رائونڊ (نمائندو وتان) پنوعاقل ويجهو گم ڄاڻايل 3 نوجوانن جي اغوا جي تصديق، سندن وارثن سان رابطي جي آڊيو هڪ اڇي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ديوٽي لاڳو ٽيڻ سان سگريٽن جي اسمگلنگ ۾ واڌ جو خدشو

فيڊرل ايڪسائيز ديوٽي لاڳو ڪندي قانوني سگريٽن جي قيمت ۾ 100 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي

اهڙو قدم پاڪستان ۾ غير قانوني سگريٽن جو ڪاروبار وڌائيندو : سگريٽ انڊسٽري

ڪراچي (م ڊ) ديوٽي لاڳو ٽيڻ سان سگريٽن جي اسمگلنگ ۾ واڌ جو خدشو ظاهر ڪندي سگريٽ ڪمپنين قانوني ڪاروبار ۾ گهٽتائي ۽ سگريٽ انڊسٽري جو ڪاروبار بند ٿيڻ جو خدشو ظاهر ڪيو آهي. سگريٽ ڪمپنين قانوني ڪاروبار ۾ گهٽتائي ۽ غير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پاڪستان جي پهرين مخنث نيوز اينڪر تي فائرنگ

لاهور (م ڊ) پاڪستان جي پهرين مخنث نيوز اينڪر ماروي ملڪ لاهور ڪنٽونمينٽ جي علاقي ۾ سندس رهائشگاهه باهران قاتلاني حملي ۾ ذري گهٽ بچي وئي. مخنث نيوز اينڪر ماروي ملڪ تي قاتلاني حملي جو ڪيس داخل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

رائيپور لڳ ڳوٺ احمد علي عمراڻي بنادي سهولتن کان محروم رهجي ويو

سهولتون مهيا ڪندڙ روڊ بہ ڪندرات بڏجي ويو ڳوناڻن کي وڏي مشڪل سان گذرٽو پئي ٿو

ريلوي اسٽيشن لڳ ڳوٺ احمد علي عمراڻي روڊ سميت سيني بنيادي سهولتن کان محروم آهي

سپ کان وڏو مسئلو ڳوٺ احمد علي عمراڻي جو روڊ هنڌان هنڌان اکڙڻ ۽ وڌا کڏا پئجي وڃڻ آهي

رائيپور (رپورٽر) رائيپور لڳ ڳوٺ احمد علي عمراڻي بنادي سهولتن کان محروم رهجي ويو ڳوناڻن کي سفري سهولتون مهيا ڪندڙ روڊ بہ ڪندرات بڏجي ويو ڳوناڻن کي وڏي مشڪل سان روڊ ٺاهن گذرٽو پئي ٿو. گوناڻن جا ٻار اسڪول وڃڻ کان محروم آهن. ڳوٺ جي سڀني ماڻهن جو مطالبو آهي ته روڊ جي ٻنهي پاسن کان کڏا پوري ڪري روڊ کي پڪو ڪيو وڃي. ڳوٺ جي ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته روڊ جي ڪم ۾ ڪجهه بااثر ماڻهو رڪاوٽ پيدا ڪري رهيا آهن. جن جي ڪري روڊ جو ڪم بند پيو آهي. ڳوٺ جي ماڻهن جو مطالبو آهي ته روڊ جو ڪم جلد شروع ڪيو وڃي ۽ ڳوٺ جي ماڻهن کي سفري سهولتون فراهم ڪيون وڃن.

اسلام ڪوٽ: شهدادپور جي اي سي جاويد ڏاهري خلاف ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

اسلام ڪوٽ ۾ شهدادپور جي اي سي جاويد ڏاهري خلاف ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاج

اختر لاشاري مختيارڪار غفار لاکير تپيدارن اسماعيل پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي ڪيس ختر انصاف ڪيو وڃي:مظاهرين

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:صادق بجير)شهدادپور جي اي آر داخل ٽيڪ خلاف اسلام ڪوٽ ۾ ريونيو آفيس ۾ اي سي اختر لاشاري مختيارڪار غفار لاکير تپيدارن اسماعيل هنگورجو نهال پيل پيارو هنگورجو ڪلارڪ علي محمد چارو ۽ پين احتجاج ڪندي مطالبو ڪيو تہ جاويد ڏاهري تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جيڪا سراسر ناانصافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دڙو ۾ 9 مهينا اڳ مسلمان ٽيندڙ ڪتنب پاران واهر نہ ٽيڻ خلاف احتجاج

حقارت نظر سان ڏسي ٿو. ڪنهن بہ پنهنجو نہ ڪيو. پني پيٽ گذار ڪريون ٿا:ڪنتب

اسان کي رهائش لاءِ پلاٽ، هنڌ، بسترا، ٽانو ۽ ٻيو سامان فراهم ڪيو وڃي:ميڊيا سان ڳالهيون

پيل قبيلي جي هڪ سئو کان مٿي مرد، عورتن ۽ ٻارڙن 9 مهينا اڳ اسلام قبول ڪيو هو

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ 9 مهينا اڳ مسلمان ٽيندڙ ڪتنب پاران واهر نہ ٽيڻ خلاف احتجاج، مسلمان ٽيڻ باوجود هر ڪو حقارت جي نظر سان ڏسي ٿو. ڪنهن بہ پنهنجو نہ ڪيو. پني پيٽ گذار ڪريون ٿا. مالي مدد ڪٽي وڃي. دڙو جي ٽيڪسي اسٽاپ پرسان ميرپوربئرو روڊ وٽ رهندڙ پيل قبيلي جي هڪ سئو کان مٿي مرد، عورتن ۽ ٻارڙن 9 مهينا اڳ اسلام قبول ڪيو هو. مسلمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دڙو: 9 مهينا اڳ مسلمان ٽيندڙ ڪتنب پاران واهر نہ ٽيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڈو غلام حيدر جا سپ کان ڳٽيل آبادي رکندڙ شهر منشيات فروشن جا اڏا بٽيل

مويا نظرپور ڏنڈو سميت ستر موري ۽ ننڍا وڏا شهر استاپ ڀهراڙي جا سوين ڳوٺ ور چڙهيل

ڪڙيو گهنور: گولاڙچي: تلهار: شاه ڪريم ۽ ٻين شهرن ۾ هول سيل تي منشيات وڪرو ٽيڻ لڳي

پوليس اختياريون سياسي اثر رسوخ سبب منشيات فروشن خلاف قانوني ڪروائي ڪرڻ کان قاصر بٽيل

ٽنڈو غلام حيدر (رپورٽر) ٽنڈو غلام حيدر جا سپ کان ڳٽيل آبادي رکندڙ شهر مويا نظرپور ڏنڈو سميت ستر موري ۽ ننڍا وڏا شهر استاپ ڀهراڙي جا سوين ڳوٺ منشيات فروشن جي لاءِ محفوظ پناهگاه بڻيل موٽي ننڍن وڏن شهرن ۾ جانليوا هاڃيڪار مضر صحت انڊين سنيئر: گٽکو، انڊين آداب: ڪجو شراب: مين پوري، چرس جو مرڪز بڻجي ويا سموري تعلقي ٽنڈو غلام حيدر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڏاروشاهه جي سرڪاري اسپتال ۾ دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي سخت ڪوٽ، احتجاجي مظاهرو

مريض خانگي اسپتالن مان علاج ڪرائڻ تي مجبور، ڪيترائي پورهيت پريشانين جي ور چڙهيل

ڏاروشاهه ، درٻيلو ، مجٺ پورٽي ، دليپوٽا ، مولهڻ ۽ آسپاس جي سوين ڳوٺن جي رهواسين پاران احتجاج

هيلٿ سينٽر ۾ علاج جون سهولتون نہ هڻڻ ڪري هتان جي سياسي سماجي ڏرين ۾ سخت احتجاج ڪيو

ڏاروشاهه (رپورٽر) ڏاروشاهه جي سرڪاري اسپتال ۾ دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي سخت ڪوٽ ، مريض خانگي اسپتالن مان علاج ڪرائڻ تي مجبور ، ڪيترائي پورهيت سرڪاري اسپتال مان علاج نہ ٽيڻ ۽ علاج جا پئسا نہ هڻڻ ڪري علاج بغير گوٺن ڏانهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڏاروشاهه: سرڪاري اسپتال ۾ سهولتن جي ڪوٽ سبب مريض پريشان نظر اچي رهيا آهن

الهي بخش ميندرو نقشبندي رحمتہ الله عليہ جي ساليانو عرس جو تاريخي اجتماع

نالیوارن عالم دين، مفڪر اسلام سميت دنيا جي مختلف ملڪ جي هزارين عقيدتمند جي شرڪت

لبئيڪ يارسول صلي الله عليہ وسلم جون صدائون بلند، پوري امت مسلمہ جي پلاٽي لاءِ اجتماعي دعائون گهريون ويون

ملڪ قوم ۽ پوري عالم اسلام جي سلامتي ۽ خوشحالي خاص دعائون گهريون ويون، انتظام سخت ڪيا ويا

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) سنڌ جي اڳوڻي تخت گاه واري قديمي شهر شاهبندر لڳ بزرگان دين ۽ پنهنجي وقت جي وڏي ڪامل ولي ۽ غوث الزمان حضرت الحاج سائين الهي بخش ميندرو نقشبندي رحمتہ عليہ جي ساليانو عرس جو تاريخي اجتماع. ملڪ جي نالیوارن عالم دين، مفڪر اسلام سميت دنيا جي مختلف ملڪن کان آيل هزارين عقيدتمند مندن جي شرڪت، هر طرف زڪر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهرو فيروز سول اسپتال جي چيف ميڊيڪل آفيسر جي رٽائرڊ ٽيڻ تي پروقار الوداعي تقريب ڪئي

ڊاڪٽر سڪندر علي سومرو جي رٽائرڊ ٽيڻ تي انتظاميہ ۽ اسٽاف پروقار الوداعي تقريب منعقد ڪئي

مهمان خاص سول سرجن خادم علي مگريو هو مشتاق علي مهيسر، عبدالفتاح راڄپر محمد صفر چنہ شريڪ

سڪندر علي سومرو ايمانداريءَ سان ڏيوٽي ڪرڻ سان گڏ غريب مريضن جو همدرد ۽ هڏڙو ڪري رهيو: خادم علي مگريو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سول اسپتال نوشهرو فيروز جي چيف ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر سڪندر علي سومرو جي رٽائرڊ ٽيڻ تي انتظاميہ ۽ اسٽاف پاران پروقار الوداعي تقريب منعقد ڪئي جنهن ۾ مهمان خاص سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو هو جڏهن تہ ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي، ڊاڪٽر مشتاق علي مهيسر،ڊاڪٽر عبدالفتاح راڄپر،ڊاڪٽر محمد صفر چنہ، ڊاڪٽر امبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهرو فيروز | سول اسپتال جي چيف ميڊيڪل آفيسر جي رٽائرڊ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي

جامشورو ۾ آل پاڪستان مري اتحاد جي سڏ تي مري برادري طرفان احتجاجي مظاهرو

بااثر سردار عبدالرحمان ڪهيتران پاران خان محمد مري جي گهرواري کي قيد ڪرڻ خلاف احتجاج

مري اتحاد پاران پاتين جي آزادي لاءِ ڪي ٽي اين نيوز آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرٽو هنيو ويو

سردار 6 ٻارڙن کي گذريل ڇڻ سالن کي يرغمال بڻائي سندس نجي جيل ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

ڪوٽڙي (رپورٽ:وسير علي سولنگي) ڪوٽڙي ڪجه ڏينهن اڳ مري برادري طرفان ڪيل احتجاج جامشورو ۾ آل پاڪستان مري اتحاد جي سڏ تي مري برادري طرفان بلوچستان جي بااثر سردار عبدالرحمان ڪهيتران پاران خان محمد مري جي گهرواري ۽ سندس 6 ٻارڙن کي سندس نجي جيل ۾ قيد ڪرڻ واري عمل خلاف ڪين آزادي لاءِ ڪي ٽي اين نيوز آفيس اڳيان احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪراچي ۾ عالمي موسمياتي تبديليءَ جي حوالي سان بين الاقوامي ڪانفرنس

پوندڙ اثرن جي موضوع تي مقامي هوٽل ۾ هڪ بين الاقوامي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

موسمياتي تبديلين جي ڪري فصلن ۽ ٻوٽن جي پوک کي سخت نقصان پهتو آهي: شڪيل احمد

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ عالمي موسمياتي تبديليءَ جي حوالي سان ڪانفرنس جو ٻيو ڏينهن آهي. جنهن ۾ ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد ۽ فوڪل پرسن پوندڙ اثرن جي موضوع تي مقامي هوٽل ۾ هڪ بين الاقوامي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد ۽ فوڪل پرسن امتياز پٽو خاص طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪراچي: عالمي موسمياتي تبديليءَ جي حوالي سان بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ ٽيڪنل گروپ فوٽو

مورو ۾ درزي يونين جو ايس ايڇ او نوان جتوئي پاران پورهيت جي گرفتاري خلاف احتجاج

پورهيت اختر لانگاهه کي گرفتار ڪري تشدد ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اڳواڻي درزي يونين جي صدر جنسار ڪلهوڙو، سارنگ چانڊيو، اشرف سولنگي پاران ريلي ڪڍي وئي

مذڪورا معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي پي صورت سخت احتجاج ڪيو ويندو:مظاهرين

نوشهرو فيروز (ڊ) مورو ۾ درزي يونين جو ايس ايڇ او نوان جتوئي پاران بنا جواز پورهيت اختر لانگاهه کي گرفتار ڪري تشدد ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو وڃي يونين جي صدر جنسار ڪلهوڙو، سارنگ چانڊيو، اشرف سولنگي، اختر لانگاهه، معشوق هڙو، منظور علي، عبدالستار دونگ ۽ ٻيا ڪري رهيا هٿا جتي هنن ڇيو تہ رات جي اونداهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهرو فيروز: پورهيت جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي ۾ پنج سالن تائين ڊيوٽي ڪندڙ اهلڪارن کي ضلعن ۾ واپس نہ ڪرڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو. گهوٽڪي. ڪنڊڪوٽ ڪشمور. شهدادڪوٽ ۽ ٻين ضلعن مان پوليس اهلڪار مقرر

اهلڪارن جي مقرري تي پنج سال گذري ويا پر ڊي آئي جي احمد نواز چيما نفري کي واپس ڪري نہ سگهيو

پگهارون پوريون نہ ٽيون ٽين هت ڪرائي جا گهر توڙي ڪاڌن ۾ پورا آهيون سندس ڪو بہ ڌڻ وارو ناهي:ملازم

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهوار) 2018 ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن مان سنڌ پوليس جي اهلڪارن کي ڪراچي ۾ گهرائي ٽريننگ ڏيارنمنٹ ۾ لڳائي پنج سالن تائين ڊيوٽي ڪندڙ اهلڪارن کي پنهنجن ضلعن ۾ واپس نہ ڪرڻ ۽ الاونس نہ ڏيڻ خلاف ٽريننگ پرليس اڪار پريشان خبر موجب سنڌ جي مختلف ضلعن ـ لاڙڪاڻو ـ گهوٽڪي ـ ڪنڊڪوٽ ڪشمور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

روهڙي، لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي ريلوي ٽريڪ تي 8 مهينن کان ٽرينون بند پيل

سيتا سرڇٽهار فورم پاران مشهور ميمٽ جي اڳواڻي ۾ اڄ 34 هين ڏينهن بہ مظاهرو

شهزاد ميمٽ، شنيل ڪمار اوڏ، محمد صادق سولنگي، غلام سرور جانوري، رضا محمد ملاح شريڪ

ڳٽ جوڙ جي ڪري عوام کي ريل گاڏين جي سستي ۽ محفوظ سفر کان محروم رکيو ويو آهي: مظاهرين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) روهڙي، لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي ريلوي ٽريڪ تي گذريل 8 مهينن کان بند پيل مسافر ريل گاڏيون بحال ڪرائڻ لاءِ سيتا سرڇٽهار فورم پاران مشهور ميمٽ جي اڳواڻي ۾ اڄ 34 هين ڏينهن بہ سيتارود ر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دادو: 8 مهينن کان ٽرينون بند پيل ٽرينن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

"انتقامي ڪروايون بند ڪريو" اسلام ڪوٽ ۾ مالڪاڻي برادري ۽ حمايتين جو احتجاج

ايس ايڇ او کي بدلي ڪريو،اسلام ڪوٽ ۾ مالڪاڻي برادري ۽ حمايتين احتجاجي مظاهرو ڪيو

مولابخش مالڪاڻي،سراج الدين،ممتاز،رحمت الله،محمد حيات مالڪاڻي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

پوليس ڏربٽجي اڏو هلائيندڙ صدر مالڪاڻي سميت 11 ماڻهن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ورتو آهي: مظاهرين

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير)انتقامي ڪاروايون بند ڪريو،صدر مالڪاڻي ۽ سائين تان ڪوڙا ڪيس ختر ڪريو،ايس ايڇ او کي بدلي ڪريو،اسلام ڪوٽ ۾ مالڪاڻي برادري ۽ حمايتين جو احتجاج،سخت تعريبازي، تنفصيل موجب:اسلام ڪوٽ پوليس جي زيادتين ۽ بااثرن جي جرچ تي ڪوڙا ڪيس داخل ٽيڻ خلاف مالڪاڻي برادري جي ماڻهن ۽ سندن حمايتن پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز پاران برساتن جي نيڪال لاءِ ناهيل نالن جو معائنو

شاهزيب شيخ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر (2) سيد عمار حسين سان گڏ دورو ڪيو

امداد حسين صديقي جي دوري دوران هوڏ جي پاڻي جي نيڪال جي درخواست ڪئي هئي

لاڳاپيل ڪاتن کي علاقي مان بينل پاڻي ڪيڏ لاءِ نالن جي ڪوٽائي جو تاسڪ ڏنو ويو هيو

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر(2) سيد عمار حسين سان گڏ برساتن جي نيڪال لاءِ ناهيل نالن جو معائنو ڪيو، ان موقعي تي هيلٿ انجنيئرنگ نوشهروفيروز پرسان گوٺ محمد جمن راڄپر وٽان بينل پاڻي ڪيڏ هٽا. ڊپٽي ڪمشنر ان موقعي تي ڪاتي ۽ ايڪسين اسڪريپ آبپاشي ڪاتي جا عملدار پڻ گڏ هٽا. ڊپٽي ڪمشنر ان موقعي تي ڊپٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز: ڊپٽي ڪمشنر ڳٽرن جو دورو ڪري رهيو آهي

خاڻوٽ ٽائي جي حد ڏوهارين لاءِ محفوظ پناهه گاه بٽيل،10 لک مالڪيت جون سولر پليٽون ڦر

عبدالستار برفت جي زرعي زمين تي هلان ڪري چوڪيدار الهوسايو برفت تي وحشيانہ ڪيو

جيڪي هٿيار بند ڦر ڪري ويا پليٽن جي 10 لک کان وڌيڪ قيمت آهي، نوٽيس ورتو وڃي: متاثر

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) خاڻوٽ ٽائي جي حد ڏوهارين لاءِ محفوظ پناه گاه بٽيل زرعي زمين تي چوڪيدار جا هٿ پير بڌي مالڪيت جون سولر پليٽون ڦر ڪري ويا پليٽن جي 10 لک کان وڌيڪ قيمت آهي. نوٽيس ورتو وڃي: متاثر

مانجهند: ڦورون پاران تشدد ڪيل چوڪيدار بيان ڏئي رهيو آهي

سليمان عرف سلو والڙي کي بيدردي سان قتل ڪندڙ جوابدار گرفتار نہ ٽيا

سليمان عرف سلو والڙي جي گهر واري ۽ ٻن نياڻين کي اغوا ڪري ويا آهن

قاتلن کي گرفتار ڪري نياڻين کي بازياب ڪرائي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

نتو(ڊ) سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي سينيئر نائب صدر ڏاڏا آدم گندرو مڪلي تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته 4 ڏينهن اڳ بدين ۾ ملاح برادري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو انتظاميا ۽ گڏيل قومن جي فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائيزيشن پاران اجلاس منعقد

منصوبي تحت ايڪو جي سهڪار سان اڄ جشر خانا هال دادو ۾ گڏيل اجلاس منعقد ڪيو ويو

فوڪل پرسن ڊي سي دادو ڊاڪٽر زاهد کهڙو، مس پراسولا پولين، نعير انبال ۽ باقيس عباسي ڪئي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ضلعي انتظاميا ۽ گڏيل قومن جي فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائيزيشن (FAO_UN)پاران "ECHO" FAO_ياڻلت پروگرام پارٽنرشپ" منصوبي تحت ايڪو جي سهڪار سان اڄ جشر خانا هال دادو ۾ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دڙو ۾ شادي شده ناري جو معصوم پارڙن سميت مڙس خلاف احتجاجي مظاهرو

ناتو شيدي جي نياڻي غلام فاطره مڙس جي هي شادي ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو

اسان جي زندگي زهر بنجي وئي آهي. گهر ۾ ڪير بہ ڪمائڻ وارو ڪونهي: ڳالهيون

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ شادي شده ناري جو معصوم پارڙن سميت مڙس خلاف احتجاج. دڙو ۾ پ ب جي بنيادي ڪارڪن مرحوم ناتو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دڙو: شادي عورت پارڙن سميت مڙس خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

بدين ۾ حيدر آباد جو رهائشي آفيسر پاران سرڪاري ڪوارٽر تي قبضو برقرار

ڪوارٽرن وچ ۾ چڏيل چار چار فٽن جي گهٽين تي بہ قبضو ڪري اڏاوتون ڪرائي چڏيون

سرڪاري ڪوارٽر جي مستقل رهائشي ايڊريس چاڻائي ۽ اثر رسوخ جي بنياد تي ڪارروهنيو

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) اڳوڻي صوبائي وزير داخلا ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جو خاص ويجهو رهندڙ حيدر آباد ضلعي جو رهائشي آفيسر وڌيڪ سال بدين ۾ پوسٽنگ دوران هڪ سرڪاري ڪوارٽر تي قبضو ڪيو ويهن سالن کان بہ مٿي عرصو هن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڈو شهر ۾ مبينا طور تي عورت پاڻ کي ڦاهو ڏيئي خودڪشي ڪري چڏي

نيلان ڪولهي گهريلو اختلافن جي ڪري پاڻ کي ڦاهو ڏيئي خودڪشي ڪري چڏي

فورٽ جو لاش ٽنڈو شهر رورل هيلٿ سينٽر تي پهچايو جتي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرايو

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ)ٽنڈو شهر ۾ مبينا طور تي عورت پاڻ کي ڦاهو ڏيئي خودڪشي ڪري چڏي تفصيل موجب ٽنڈو شهر جي پرسان ڳوٺ راجي ڪولهي گهريلو اختلافن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

بدين : فوت ٿي ويل عورت جو لاش نيو پيو وڃي

ناڳن چورنگي پرسان گرين لائين بس نينگر کي بچائيندي فٽ پاٽ تي چڙهي وئي

گرين لائين بس جا دروازا آٽوميٽيڪ بند ٽيڻ تي مسافرن شيشا توڙي ٻاهر نڪتا

نينگر کي بچائيندي پنهنجي روٽ کان جهنگلو توڙي فٽ پاٽ تي چڙهي آهي: ڏريعا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي ناڳن چورنگي پرسان گرين لائين بس نينگر کي بچائيندي فٽ پاٽ تي چڙهي وي گرين لائين جو اڳين حصو تباهہ ٿي ويو.ڊرائيور سميت ڪجهه مسافر معمولي زخمي گرين لائين بس جا دروازا آٽوميٽيڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

پرياسٽي کي پنهنجو شهر سمجهان ٿو، مسئلا حل ڪيا ويندا: ٽائون آفيسر

ٽائون ڪميٽي جي ملازمن کان مختلف علائقن ۾ صفائي جو عمل شروع ڪرايو ويو

اسسٽنٽ ڪمشنر شاهد سرڪي پاڻ صفائي عمل جو جائزو وٺي رهيو آهي:شهري اڳواڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياسٽي کي پنهنجو شهر سمجهان ٿو شهر جي ڇهن ٽي واردن جي صفائي ڪرائي ويندي ملازمن جي رهيل ڪچرا مٽي لکير آهي سندن مسئلا حل ڪيا ويندا. ٽاون آفيسر نديم سولنگي خبر موجب هاڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

خدابخش پٽرولڳ 4 ڏينهن اڳ حادثي ۾ فوت ٿي ويل نوجوان واجد شيخ جو ٽيجهو

پ پ اڳواڻ سرفراز ميراڻي، ڪائونسلر عبدالخالق پٽو، ڪاشان قاضي ۽ ٻين پاران شرڪت

حافظ جميل احمد جروار، ڪامريڊ نثار احمد، عبدالستار ناريجو، غلام عباس ڪوڪر شرڪت ڪئي

نئون ديرو(رپورٽ:شاد محمود پٽو) ڳوٺ خدابخش پٽرولڳ 4 ڏينهن اڳ حادثي ۾ فوت ٿي ويل نوجوان واجد شيخ جو ٽيجهو گذرڻ بعد سندس موٽر سائيڪل کي پٺيان ٽڪر هڻندڙ پراڻي گوشت مارڪيٽ پاڙي جي رهواسي ميراڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نئون ديرو: فوت ٿي ويل واجد شيخ جي ٽيجهي تي دعا گهري پڻي رهي آهي

ڪنڊرا ٽائي جي حد ۾ ڏوهارين جو راڄ قائم، م پٽرول پمپ جي عملي کان ڦرلٽ

ڪنڊرا (رپورٽر) ڪنڊرا ٽائي جي حد ۾ ڏوهارين جو راڄ قائم ڪنڊرا ٻاهہ پاس تان سجاد شاه موسوي پٽرول پمپ ڏينهن ڏني جو سرعام بٽ بڏل تن هٿياربندن هٿيارن جي زور تي پٽرول پمپ جي عملي کي يرغمال بڻائي کين کان لکين روپيا ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا اهڙو اطلاع ڪنڊرا ٽائي جي پوليس کي ڏنو ويو پر پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهروفيروز: ڊپٽي ڪمشنر ڳٽرن جو دورو ڪري رهيو آهي

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان مرڪزي صدر جي اڳواڻي ۾ قافلو بلاول جي مزار تان حاضري تي پهتو

سيد زين شاهجي اڳواڻي ۾ سڪر کان نڪتل سنڌ پيادل مارچ دادو ۾ پهچڻ تي ڪارڪنن پاران استقبال

ڪارڪنن سميت قومي درد رکندڙ ڏرين پاران مارچ جي وک وک تي پرپور آڇيان گلن جي ورکا ڪئي وئي

پيپلزپارٽي وارن سنڌ جي ماڻهن کي سواءِ بک بدحاليءَ کان ٻيو ڪجهہ ناهي ڏنو: سيد زين شاهجون ڳالهيون

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان مرڪزي صدر سيد زين شاهجي اڳواڻي ۾ ٻيروزگاري بدحالي، مهانگائي، ڪرپشن، بدامني خلاف سڪر کان نڪتل سنڌ پيادل مارچ رات مخدوم بلاول جي مزار تان حاضري بعد اڄ وک وک تي ماڻهن پاران پرپور استقبال سان دادو پهتو. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي مرڪز پاران ايس يو پي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

*** روزاني سنڌيار سڪر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سڪر آفيس گهر نمبر سي 92، ڊهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سڪر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
چنڇر 25 فيبروري 2023ع

آئيني بحران جو خطرو

ملڪ سياسي ۽ معاشي بحرانن ۾ اڃا قائل ٿي آهي ته وري آئيني بحران جو خطرو پيدا ٿي ويو آهي. جنهن کري سڄو نظام مفلوج نظر اچي رهيو آهي. انهي دوران مخالف ڏر جي وڏي پارٽي جيل پريو تحريڪ بہ شروع ع کري چڏي آهي جنهن کري لڳي ٿو ته ويجهڙ ۾ نہ معاشي بهتري جا کي امکان پيدا ٹيندا نہ ٹي سياسي عدم استحکام ختم ٹيندو نہ ئي نظام اڳتي وڌندو. اهڙي صورتحال ۾ وري ادارا هڪ ٻئي جي آهون سامهون ٹيل نظر اچي رهيا آهن ايستائين جو اهي ورهايل بہ نظر اچي رهيا آهن. هڪڙي پاسي ٻن صوبن جا گورنرز اسيمبليون تڏ ڪانپوءِ اليڪشن جي تاريخ ڈيڻ لاءِ تيار ناهن ته ٻئي طرف اليڪشن ڪمشنر جو چوڻ آهي ته اليڪشن ڪميشن آئيني طور پاڻ اليڪشن جي تاريخ ڈئي نہ ٿو سگهي جڏهن ته صدر صاحب وري اليڪشن ڪميشن سان مشاورت کانسواءِ چونڊن جي تاريخ جو اعلان کري چڪيو آهي جڏهن ته اٽارني جنرل، اليڪشن ڪميشن سميت اڪثر قانوني ۽ آئيني ماهرن جي راءِ آهي ته صدر کي اهڙو اختيار ئي ناهي ۽ هن تاريخ ڈئي غلط ڪم ڪيو آهي. انهي سڄي صورتحال ۾ وري سپريم ڪورٽ پاڻمرادو نوٽيس وٺي اليڪشن جي حوالي سان 9 رڪني بينچ قائم کري چڪي آهي جنهن تي حڪومت سميت اداري اندر ويڙل ججن جا بہ اعتراض سامهون اچي ويا آهن جنهن کري معاملو سلجهڻ بدران وڌيڪ الجهندي نظر اچي رهيو آهي.

چيف جسٽس پاڪستان ٻن صوبائي اسيمبلين پنجاب ۽ کي پي جي چونڊن جو اعلان نہ ٹيڻ بابت پاڻمرادو نوٽيس وٺي جسٽس اعجازالاحسن ۽ جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي سميت 9 رڪني لارجر بينچ قائم ڪئي آهي. جنهن جي سربراهي چيف جسٽس ڪندو سپريم ڪورٽ پاڻمرادو نوٽيس ۾ 3 سوال اٽاريا آهن. پهريون سوال اسيمبلي ٽڪ تي اليڪشن جي تاريخ ڈيڻ ڪنهن جي ذميواري آهي؟ ٻيو چونڊن جي تاريخ ڈيڻ جو آئيني اختيار ڪڏهن ۽ ڪيئن استعمال کرڻو آهي ؟ ٽيون ته وفاق ۽ صوبن جي چونڊن جي حوالي سان ذميواري ڪهڙي آهي؟ عدالت وڌيڪ چيو ته پاڻمرادو نوٽيس ۾ ڈنو ويندو ته چونڊن جي تاريخ ڈيڻ ڪنهن جو اختيار آهي. پنجاب ۽ خيبرپختونخوا اسيمبليون تڏ کي هڪ مهيني کان وڌيڪ وقت گذري ويو آهي پوءِ بہ اڃا تائين چونڊن جي تاريخ نہ ڈني وئي آهي. اليڪشن ڪميشن بہ فنڈ ۽ سيڪيورٽي نہ ملڻ جي شڪايت کري چڪو آهي. هوڏانهن بينچ ۾ شامل هڪ معزز جج پاڻمرادو نوٽيس تي ٿي اعتراض ڪندي چيو آهي ته پنجاب ۽ کي پي جي چونڊن تي پاڻمرادو نوٽيس نہ ٿو وٺي سگهجي جڏهن ته هڪ ٻئي معزز جج جا ريمارڪس آهن ته پنجاب ۽ کي پي اسيمبليون ٽوڙڻ جو بہ نوٽيس وٺڻ گهرجي. جڏهن ته حڪومت ۽ قانوني ماهرن بينچ ۾ ٻن سينئر ججن کي شامل نہ ڪرڻ تي بہ حيرت جو اظهار ڪيو آهي جڏهن ته هڪ جج جنهن تي مختلف الزام آهن ۽ مبينا آڊيو بہ ليڪ ٿي آهي ۽ انهي تي ريفرنس بہ داخل ڪيو ويو آهي ان جي شموليت سان بہ بينچ جي جوڙجڪ تي سوال پيدا ٿي رهيا آهن جنهن کري خطرو اهو آهي ته جڏهن بينچ ٿي تکراري ٿي وڃي ته ان جو فيصلي سان بحران حل ٽيڻ بدران وڌي سگهي ٿو جيڪو نظام لاءِ وڌيڪ نقصانڪار آهي.

بقايا
***
01

کي ٻن ججز تي اعتراض آهي جنهن کي بينچ ۾ نہ ويهڻ گهرجي. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا نہ ته اڄ ڪل ٽيڻ جو مقصد هو نہ سپني کي خبر هوندي مختلف ڏرين جي وڪيلن کي عدالت ۾ ڏسي خوشي ٿي. پيپلز پارٽي جي وڪيل فاروق ايڇ نائيڪ چيو ته اسان کي ڪوبہ نوٽيس نہ ناهي ملڻ درخاست آهي ته سپني کي نوٽيس جاري کيا وڃن. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا نہ ته اڄ پهريان سپني جي حاضري لڳائيندا سين ۽ سومر تي سپني کي ٻڌندا سين. چئن صوبائي وکيلن جي نمائندگي عدالت ۾ موجود آهي. فاروق ايڇ نائيڪ چيو ته جسٽس اعجازالاحسن ۽ جسٽس مظاهر نقوي جي بينچ ۾ شامل ٽيڻ جي اعتراض آهي. ان کي اختيار سان ججز جي بينچ ۾ اعتراض کرڻ جو فيصلو سمورن اڳواڻن ڪيو آهي. جي يو آءِ (ف)، مسلم ليگ(ن) ۽ پاڪستان بار ڪائونسل طرفان ٻن ججز اتي اعتراض اٽاريو ويو. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا نہ ته سپريم ڪورٽ بار ڪنهن ٻئي وڪيل جي ذريعي پنهنجي نمائندگي عدالت ۾ پيش ٿي رهيو آهي. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا نہ تہ مون کي لڳي ٿو ته اسان سپني سياسي پارٽين کي نوٽيس جاري کيا ۽ سپ هتي موجود آهن عدالت ۾ پنجاب جي گورنر جو وڪيل مصطفيٰ رمدي پيش ٿيو آهي. فاروق ايڇ نائيڪ چيو ته اسان کي ڪوبہ نوٽيس نہ ناهي ملڻ درخواست آهي ته سپني کي نوٽيس جاري کيا وڃن. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا نہ ته اڄ پهريان سپني جي حاضري لڳائيندا سين ۽ سومر تي سپني کي ٻڌندا سين. چئن صوبائي وکيلن جي نمائندگي عدالت ۾ موجود آهي. عدالت وڌيڪ چيو ته پاڻمرادو نوٽيس ۾ ڈنو ويندو ته چونڊن جي تاريخ ڈيڻ ڪنهن جو اختيار آهي. پنجاب ۽ خيبرپختونخوا اسيمبليون تڏ کي هڪ مهيني کان وڌيڪ وقت گذري ويو آهي پوءِ بہ اڃا تائين چونڊن جي تاريخ نہ ڈني وئي آهي. اليڪشن ڪميشن بہ فنڈ ۽ سيڪيورٽي نہ ملڻ جي شڪايت کري چڪو آهي. هوڏانهن بينچ ۾ شامل هڪ معزز جج پاڻمرادو نوٽيس تي ٿي اعتراض ڪندي چيو آهي ته پنجاب ۽ کي پي جي چونڊن تي پاڻمرادو نوٽيس نہ ٿو وٺي سگهجي جڏهن ته هڪ ٻئي معزز جج جا ريمارڪس آهن ته پنجاب ۽ کي پي اسيمبليون ٽوڙڻ جو بہ نوٽيس وٺڻ گهرجي. جڏهن ته حڪومت ۽ قانوني ماهرن بينچ ۾ ٻن سينئر ججن کي شامل نہ ڪرڻ تي بہ حيرت جو اظهار ڪيو آهي جڏهن ته هڪ جج جنهن تي مختلف الزام آهن ۽ مبينا آڊيو بہ ليڪ ٿي آهي ۽ انهي تي ريفرنس بہ داخل ڪيو ويو آهي ان جي شموليت سان بہ بينچ جي جوڙجڪ تي سوال پيدا ٿي رهيا آهن جنهن کري خطرو اهو آهي ته جڏهن بينچ ٿي تکراري ٿي وڃي ته ان جو فيصلي سان بحران حل ٽيڻ بدران وڌي سگهي ٿو جيڪو نظام لاءِ وڌيڪ نقصانڪار آهي.

اسان سمجهون ٿا ته هن وقت ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ جو واحد حل آئين تي مڪمل عمل ڪرڻ سان آهي جيڪڏهن کي بہ اداره يا پنهنجون آئيني ذميواريون نہ نپائيندا يا اهي حدون اورانگهيندا جيکي آئين انهن لاءِ طئي کيون آهن ته معاشي ۽ سياسي بحران سان گڏ آئيني بحران بہ پيدا ٿي پوندو. تنهن کري هن وقت سڀ کان اهم ضرورت اها آهي ته هر اداري پنهنجي پنهنجي آئيني حدن ۾ رهي ڪم کري ۽ سياسي ڏرين کي بہ اختلافن باوجود گڏ ويهڻ گهرجي ته جيئن نظام ڪم ڪندو رهي ۽ ملڪ ۾ ڪو آئيني بحران پيدا نہ ٿئي.

ڪاچي ۾ گاج بند رٽا جو ٽيندڙ غير معياري ڪم ۽ امڪاني نقصانن جو خدشو!

